**ڊاڪٽر الطاف جوکيو**
اسسٽنٽ پروفيسر
غلام رباني آگرو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو

# سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'الف' ۽ 'همزي' جو ڪردار

**(The role of 'Aliph and Hamza' in Sindhi Orthography)**

## Abstract

There are 52 letters and 51 phonemes in Sindhi Alphabet, whereas Hamza stands for Aliph as the substitute. Though both have the same sound but differ in the functionality according to Sindhi Orthography. In Sindhi Alphabet, 'Aliph Wow and Ye' (ا، و ۽ ي) are some of the letters which are used as consonants as well as vowels in the same form. Due to Hamza being the substitute for the Aliph, there occurs no any confusion or misunderstanding in their functionality. Except using Aliph as consonant in the front of any word, mostly the use of Aliph is practiced as vowel; whereas in some words where needed, the Hamza is used in between a certain word or in the end instead of the Aliph as consonant. This is undisputedly obvious that Hamza is nowhere been used as Vowel.

Dr. Ghulam Ali Allana working on the difference between Aliph and Hamza considers Hamza being the constituent of combination of two vowels, further suggesting that Hamza is a vowel. Whereas the study that has been carried out on the discourses of sound and Orthography, suggests that the Hamza has only been used in place of Aliph as the consonant, whereas Aliph has this capability of being used as vowel as well as consonant depending on the context. Sindhi Orthography has somewhat clear and distinct considerations for the respective discourse. This paper presents a study around the issue of Hamza being used as Consonant and proposes some considerations in regard.

موجوده عربي- سنڌي آئيويٽا ۾ 52 اکر آهن، جنهن جي منڍ ۾ 'الف' ۽ پڇاڙيءَ کان اڳ 'همزو' (ء) ڏنل آهي. ڪن عالمن وٽ 'الف' ۽ 'همزو' ساڳئي آواز جا ٻه روپ آهن. ڪن وٽ الڳ حيثيت رکندڙ آواز/ اکر تصور ڪيا ويندا آهن. چند اڳوڻن عالمن سنڌي آئيويٽا ۾ 'همزي' کي شامل ئي نہ ڪيو آهي، جن ۾ آخوند گل محمد گل (1) ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ (2) قابل ذڪر آهن. عربي آئيويٽا ۾ بہ 'همزي' جو شمار نہ ڪيو ويندو آهي؛ البت، رسم الخط ۽ صورتخطيءَ ۾ ان کي حيثيت مليل آهي. اِيپاس آڌار، سنڌي ٻوليءَ ۾ الف ۽ همزي بابت جيڪي بہ

ويچار سامهون اچن ٿا تن ۾ اختلاف آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ اهڙي شڪايت رکي آهي ته ”سنڌي الف- بي جي پٽيءَ ۾ ’ء‘ کي وينجن طور شامل ڪيو ويو آهي، پر اڄ تائين همزي جي درست استعمال کي سمجهيو نه ويو آهي.“ (3)

## 1. مسئلي جو بيان

ڊاڪٽر غلام علي الانا ’ء‘ ۽ ’الف‘ تي تفصيلي ڪم ڪندي ان جي وضاحت هيئن ڪئي آهي ته: ”سنڌي الف- بي جي پٽيءَ ۾ ’ء‘ کي وينجن طور شامل ڪيو ويو آهي، پر اڄ تائين همزي جي درست استعمال کي سمجهيو نه ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هرهڪ ڄاڻوءَ کي خبر به آهي ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ همزو (ء) ٻن سرن جي ميلاپ يا جوڙ (Sequence) لاءِ ڪم آڻبو آهي. ٻن سرن جي جوڙ ۾، همزو هميشه پوئين سر جي بدران ڪم ايندو آهي؛ مثلاً:

1. آخري ڇوٽي سر جي بدران:

| | |
|---|---|
| لاءِ = ل + آ _ اِ | ( ’اِ‘ جي بدران ’ءِ‘ ) |
| ماءُ = م + آ _ اُ | ( ’اُ ‘ جي بدران ’ءُ‘ ) |
| هوءَ = هه + او _اَ | ( ’اَ‘ جي بدران ’ءَ‘ ) |

مٿين لفظن ۾ ’ءِ‘، ’ءُ‘ ۽ ’ءَ‘ آخري ڇوٽن سرن ( اِ ، اُ ۽ اَ ) جي بدران استعمال ڪيا ويا آهن.

2. وچئين ڇوٽي سر جي بدران:

| | |
|---|---|
| مُئَلُ = م + اُ _ اَ + لُ | ( اَ جي بدران ئَ ) |
| ڳائِڻُ = ڳ + آ _ اِ + ڻُ | ( اِ جي بدران ئِ ) |
| پائُرَ = پ + آ _اُ + رَ | ( اُ جي بدران ئُ ) |

3. آخري ڊگهي سر جي بدران:

| | |
|---|---|
| ڪائِي = ڪ + آ _ اِي | ( اِي جي بدران ئِي ) |
| هائو = هه + آ _ او | ( او جي بدران ئو ) |
| ڪائي = ڪ + آ _ اي | ( آ جي بدران ئي ) |
| ڪوئا = ڪ + او _ آ | ( آ جي بدران ئا ) |

4. وچئين ڊگهي سر جي بدران:

| | |
|---|---|
| ڏوئِيلو = ڏ + او _ اِي + لو | ( اِي جي بدران ئِيـ ) |
| ڏئِيت = ڏ + اَ _ اِي + ٿُ | ( اِي جي بدران ئِيـ ) |

ان کان علاوه ڪيترن ئي سنڌي لفظن ۾ هڪ ئي پد وارا ’ڌهرا سر‘ (Diphthongs) جهڙوڪ: ’ايَ‘ ۽ ’اوَ‘ جي بدران ’ء‘ ۽ ’ؤ‘ به لکيا ويندا آهن، مثلاً:

پَيسو    جي بدران    پئسو .
چَو    جي بدران    چؤ ." (4)

الف ۽ همزي بابت مٿين وضاحت ۾ ڊاڪٽر الانا جا ٻہ خيال سامهون اچن ٿا:

1. : 'همزو ٻن سرن جي ميلاپ يا جوڙ لاءِ ڪم آڻبو آهي.'
2. 'همزو هميشه پوئين سُر جي بدران ڪم ايندو آهي.'

ڊاڪٽر الانا ساڳي ڳالهہ 'سنڌي صوتيات' ۾ هن ريت ڪئي آهي تہ: "هر پڙهيل سنڌي ماڻهوءَ کي اها خبر آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي الف- ب جي پٽيءَ ۾ 'ءَ' کي وينجن طور شامل ڪيو ويو آهي، پر ٻوليءَ جي ماهرن کي اها خبر آهي تہ 'ءَ' وينجن نہ آهي. حقيقت ۾ سنڌي صوتيات جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ 'ءَ' جو ڪارج وينجن وارو نہ، پر سُر وارو آهي، جنهن جي صحيح خبر تڏهن پوي ٿي جڏهن سنڌي صورتخطيءَ جو مطالعو ڪجي ٿو. سنڌي وياڪرڻ جي شاگردن ۽ ماهرن کي اها خبر آهي تہ 'ءَ' ڪن لفظن ۾ ٻن يا ٽن سُرن جي 'ميلاپ يا جوڙ' (Sequence) جي حالت ۾ پوئين سُر يا پوين سُرن (Second and third component) جي لکت ۾ نمائندگي ڪندو آهي." (5)

الف ۽ همزي بابت هن حوالي ۾ ڊاڪٽر الانا جا خيال ٿورا مٽجن ٿا:

1. 'همزي جو ڪارج وينجن وارو نہ، پر سُر وارو آهي.'
2. 'همزو ٻن يا ٽن سُرن جي ميلاپ يا جوڙ لاءِ ڪم آڻبو آهي.'

ڊاڪٽر الانا جي ٻنهي حوالن ۾ ڳالهہ ساڳي آهي ليڪن انداز بيان ۾ لچڪ آهي. اتي معاملو اهو ٿو سامهون اچي تہ ڊاڪٽر الانا 'همزي' کي 'سُر' (Vowel) سمجهي ٿو، جڏهن تہ سنڌي الف- بي ۾ ان کي 'وينجن' طور شمار ڪيو ويندو آهي.

## 2. مسئلي جا سوال

- ؟ آواز ۽ صورتخطيءَ نسبت الف ۽ همزي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
- ؟ آواز موجب 'الف' ڊگهي سُر ۾ ڪم آندو ويندو آهي، ڇا 'همزي' کي بہ ڊگهي سُر ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو؟
- ؟ ڇا 'همزو' چوٿي سُر ۾ ڪم آڻي سگهجي ٿو؟
- ؟ صورتخطيءَ موجب 'الف' جو شمار 'حرف علت' ۾ ڪيو ويندو آهي، ڇا همزي کي بہ 'حرف علت' ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو؟
- ؟ سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'الف' ۽ 'همزي' جو ڪهڙو ڪارج آهي؟

### 2.1 عالمن جي روشنيءَ ۾ 'الف' ۽ 'همزي' جو اڀياس

عربي رسم الخط موجب 'حرف علت' ۾ ڪم ايندڙ 'ا، و ۽ ي' اهڙا اکر آهن، جيڪي سُر توڙي وينجن ۾ ڪم اچڻ سبب مونجهاري جو سبب بڻبا آهن.

البت، ’الف ۽ همزو‘ هڪٻئي جا نعم البدل هجڻ سبب ڪو معاملو پيدا نہ ٿا ڪن؛ جڏهن تہ اعرابن جي ڪميءَ سبب ’و ۽ ي‘ ۾ مونجهارا رهن ٿا.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ گهڻي قدر ’الف‘ جو استعمال ڏگهي سُر لاءِ ڪيو ويندو آهي، سواءِ ڪنهن لفظ جي اڳيان اچڻ جي! جڏهن تہ ’همزو‘ متحرڪ ’الف‘ واري آواز لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. ڇاڻايل سوالن جي روشنيءَ ۾ الف ۽ همزي جو اڀياس پيش ڪجي ٿو.

اردو جو پروفيسر محمد سليم آرامي خط ۾ اکرن جي اضافي بابت ڄاڻ ڏيندي ’همزي‘ بابت لکي ٿو تہ: ”*خليج ايلہ کے قريب بطرا کا شہر نبطيوں کا مستقر تھا۔ چار صدی قبل مسيح ان کو عروج حاصل تھا۔ 102ق۔م ميں رومی شہنشاہ ٹراجن نے ان کی حکومت کا خاتمہ کرديا۔ حروف تہجی ميں ہمزہ کا اضافہ ان کی يادگار ہے۔*“ (6)

وڪيپيڊيا ۾ همزي جي وضاحت هن طرح ٿيل آهي:

**Hamza** (Arabic: همزة, *hamzah*) (ء) is a letter in the Arabic alphabet, representing the glottal stop [ʔ]. Hamza is not one of the 28 "full" letters, and owes its existence to historical inconsistencies in the standard writing system. It is derived from the Arabic letter *'ayn*. In the Phoenician and Aramaic alphabets, from which the Arabic alphabet is descended, the glottal stop was expressed by *aleph* (𐤀), continued by *alif* (ا) in the Arabic alphabet. However, alif was used to express both a glottal stop and a long vowel /a:/. To indicate that a glottal stop, and not a mere vowel, was intended, hamza was added diacritically to alif. In modern orthography, under certain circumstances, hamza may also appear on the line, as if it were a full letter, independent of an alif. In Unicode it is at the code point U+0621 and named 'ARABIC LETTER HAMZA'. (7)

هنز ويئر جي ’ڊڪشنري آف ماڊرن عريبڪ‘ موجب:

*Hamzah* is a noun from the verb هَمَزَ *hamaz-a* meaning ‘to prick, goad, and drive ’or‘ to provide (a letter or word) with hamzah’ . (8)

پيرومل آڏواڻي آئيوينا ۾ همزي جي شمار بابت ڄاڻائي ٿو تہ: ”آئيوينا: سنڌي ٻوليءَ ۾ ايڪونجاه اکر آهن، پر جيڪڏهن همزه (ء) ڌار اکر ڪر ليکبو تہ پوءِ ڪل ٻاونجاه اکر ٿيندا.“ (9)

اڳتي ڪاڪو پيرومل آواز جي خيال کان لکي ٿو تہ: ”همزو (ء) معنیٰ داٻ. هن اچار ڪرڻ مهل نڙيءَ کي گهڻو ڪولڻو نٿو پوي مگر ڇڻ تہ جنهن هنڌان آواز نڪري ٿو سو هنڌ ڊٻيل رهي ٿو تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس. هيءَ نشاني اکرن جي مٿان ۽ اڪثر زير- زبر- پيش کي جهلي بيهڻ لاءِ هڪ جهلو ٿي ڪم اچي ٿي. جيئن: ڪانءُ، ونءُ معنیٰ وڃ. همزه اکر ڪري بہ ڪم آڻبو آهي، جيئن: ۽- آءٌ. (10)

ڪاڪي پيرومل بہ 'الف ۽ همزي' کي ڳالھ ساڳي ٿو سمجهي، تڏهن تہ چوي پيو تہ آئيويتا ۾ ايڪونجاه اکر آهن، پر جيڪڏهن همزي کي الڳ سان اکر سمجهبو تہ پوءِ ٻاونجاه اکر ٿيندا. همزي بابت سندس وضاحت بہ Glottal Stop واري آهي، البت صورتخطيءَ ۾ صرف سالم شڪل ۾ لفظ جي آخر ۾ڪم ايندڙ همزي جا مثال ڏنا اٿس.

مرزا قليچ بيگ مرحوم ابجد جو تفصيل ڄاڻائيندي همزي بابت لکي ٿو تہ: "ڪن انهيءَ (ابجد) ڪان سواءِ هڪڙو اکر وڌايو جنهن جو نالو 'آمزه' رکيائون ۽ شڪل 'ء' ڏنائونس جو پوءِ غلط استعمال سان 'همزه' سڏجڻ ۾ آيو ۽ الف يا عين جهڙو آواز ڏنائونس." (11)

'الف ۽ عين جهڙو آواز ڏنائونس' مان خيال اهو ئي جڙي ٿو تہ 'الف ۽ همزي جو آواز ساڳيو ٿو رهي، جڏهن تہ شڪل جو تصور 'عين' مان ورتو ويو هوندو.

مرزا قليچ بيگ الف ۽ همزي کي ساڳي شيءِ پائيندي لکي ٿو تہ: "متحرڪ الف کي اڪثر عربيءَ ۾ همزو چون ٿا ۽ الف رڳو ساڪن الف يا حرف علت کي ٿا سڏين." (12)

مرزا صاحب جي اها راءِ تہ 'الف رڳو ساڪن ... کي ٿا سڏين' پنهنجي جڳهہ تي مٿاڇري ڳالھ آهي؛ ڇو تہ ان تي ڪو غور نہ ڪيو ويو آهي. بيشڪ عربيءَ ۾ حرف علت طور ايندڙ 'ا، و ۽ ي' کي ساڪن ڪوٺيندا آهن ۽ 'جزم' جو استعمال بہ ڪندا آهن. جڏهن تہ جزم جي علامت جو ڪم ڪنهن اکر/ آواز کي ساڪن ڪرڻ هوندو آهي. ڊگهن سُرن لاءِ ڪم ايندڙ اکرن تي جزم جو استعمال مناسب ناهي، اهڙو استعمال عربي صورتخطيءَ ۾ عام آهي. ڊاڪٽر الانا جي ڄاڻايل وضاحت ان بابت ڻُ ۽ درست آهي. (13) باقي اها ڳالھ واضح آهي تہ آواز جي بنياد تي ڊگهي سُر ۾ ڪم ايندڙ 'الف' کي 'الف' ئي سڏيندا آهن، جڏهن تہ متحرڪ الف لاءِ 'همزي' جو اسم ڪم آڻيندا آهن. حقيقت ۾ اهڙو 'الف' جيڪو ڊگهي سُر ۾ ڪم اچي ٿو ۽ جنهن کي حرف علت ڪوٺيو وڃي ٿو ان کي 'الف ساڪن' ڪوٺڻ مناسب ناهي. ان جو اهم سبب اهو آهي تہ جيئن متحرڪ 'همزي' جو مخرج جڙي ٿو، تيئن ساڳئي ساڪن الف جو مخرج جڙندو آهي، عربيءَ موجب اصولي طور ان کي بہ 'همزو' ئي چوڻ گهرجي. فرق صرف اهو ٿيندو تہ هڪڙو متحرڪ ٿيندو تہ ٻيو ساڪن. ياد رهي تہ ساڪن الف جو وينجن آواز لازمي بيهندو آهي. ان مان اهو بہ اخذ ٿيو تہ عربيءَ ۾ 'الف' ۽ 'همزو' آواز جي نسبت نالا رکيل آهن، يعني بيشڪ لفظ ۾ 'الف' جي شڪل ڪم آندل هجي، ليڪن متحرڪ ٿيو تہ اهو 'همزو' ئي سڏرائيندو.

عام طور عربيءَ ۾ هر اهو الف جيڪو متحرڪ هوندو آهي، ان کي همزو ڪري پڙهايو ويندو آهي؛ مثلاً: أ (همزه زبر أ)، إ (همزه زير إ)، أُ (همزه پيش أُ). ان خيال کان ائين ڪٿي چئجي تہ عربي- سنڌي آئيوِيٽا ۾ 52 اکر تہ ضرور آهن، پر آواز 51 ڪري ڏنا پڙهايا وڃن؛ چو تہ 'ء' الف جو روپ آهي، جيڪو سنڌي صورتخطيءَ ۾ سواءِ ڪنهن لفظ جي اڳيان اچڻ جي، باقي وچ يا آخر ۾ صرف 'متحرڪ صورت' ۾ ڪم ايندو آهي. هتي اها ڳالهہ واضح ٿي بيٺي تہ 'سنڌيءَ ۾ الف ۽ همزو شڪل/ علامت جا نالا آهن، باقي ڪم ورهايل آهي.

مفسرِ قرآن غلام احمد پرويز صاحب همزي ۽ الف جي فرق بابت لکي ٿو تہ: "الف تي زبر، زير ۽ پيشُ ڪجهہ بہ ناهي ٿيندو، جيئن: [قَالَ] ۾ ق کان پوءِ الف اچي ٿو، پر ان تي ڪابہ اعراب ناهي. ان جي ابتڙ [أَكَلَ] ۾ الف تي زبر آهي، انلاءِ ان کي الف نہ پر همزو چئبو. اهڙيءَ طرح [يَأتي] ۾ الف تي جزم آهي، اهو بہ همزه آهي، الف ناهي. عربي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ لفظ جي مادي ۾ الف بنهہ نہ ايندو، بلڪ همزو ايندو. اگر ڪنهن مادي ۾ الف نظر اچي تہ سمجهو تہ ان هنڌ درحقيقت اصلي حرف 'و' يا 'ي' هوندو. الف ان 'و' يا 'ي' کي مٽائي آيو هوندو؛ مثلاً: 'قَامَ' ۾ مادو 'ق- و- م' آهي. ڇاڪاڻ تہ 'قَامَ' اصل ۾ 'قَوَمَ' هوندو، 'و' الف سان مٽجي ويو. اهڙيءَ طرح 'بَاعَ' جو مادو 'ب- ي- ع' آهي، پر الف سان مٽجي ويو آهي. (14)

مفسر پرويز احمد جي راءِ مان اهو نڪتو ملي ٿو تہ عربي ٻوليءَ جي بنيادي لفظن ۾ 'ا، و ۽ ي' هڪٻئي جا متبادل پيا ٿيندا آهن؛ اهو عربي ٻوليءَ جي مزاج ۾ شامل آهي، جنهن سبب 'حرف علت' ڪوٺجن ٿا. جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ جو مزاج اها خاصيت آسانيءَ سان برداشت نہ ٿو ڪري سگهي.

آخوند گل محمد گل 'ايلس واري آئيوِيٽا' مان مطمئن نہ ٿيندي 1858ع ڌاري پنهنجي آئيوِيٽا ترتيب ڏني، جيڪا 55 اکرن تي مشتمل هئي؛ هن بزرگ بہ 'ء' (همزي) کي الف جو روپ ڀائيندي پنهنجي ترتيبيل آئيوِيٽا ۾ ان کي شمار ڪونہ ڪيو. (15)

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ بہ پنهنجي آئيوِيٽا کي آوازن جي بنيادن تي ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ورتي، ان عالم بہ 'همزي' کي پنهنجي ترتيب ڏنل آئيوِيٽا ۾ شمار ڪونہ ڪيو. ان جي نظر ۾ بہ ضرور همزو 'الف' جو هڪ روپ ئي هوندو. (16)

پروفيسر عبدالڪريم لغاري بہ همزي کي الف جو روپ ڄاڻائيندي، ايلس ڪاميٽيءَ ۾ 'ء' جي مقرريءَ بابت لکي ٿو تہ: "عام طرح عربي الف- بي ۾ همزي (ء) کي ڌار حرف قرار نہ ڏنو ويندو آهي، پر ڪاميٽيءَ اهو حرف بہ عربيءَ مان

ورتو ۽ ان کي سنڌي الف- بي ۾ ڏار ڪري رکيو.“ (17)

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي عربي- سنڌي آئيويٽا جي ترتيب جي ساخت تي تنقيدي نظر رکندي همزي بابت ٻه ڳالهيون اهم لکيون ته: ”هڪ ته: همزو /ء/ حقيقت ۾ الف جو بدليل روپ آهي، ان ڪري انهيءَ کي چارٽ ۾ نه ڏيڻ گهرجي. ٻيو ته: سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ ايڪونجاهه ڌوَني- تت آهن ۽ عربي- سنڌي آئيويٽا ۾ ٻاونجاهه حرف ڏنل آهن. پر ٻنهي سرشتن وچ ۾ تز ٺهڪاءُ (fitness) نه آهي.“ (18)

ڊاڪٽر جيٽلي اڻ- سڌيءَ طرح همزي کي، آئيويٽا کان هٽي ڪري صورتخطيءَ ۾ ڪم آڻڻ جي راءِ رکي آهي؛ ليڪن سڌيءَ طرح ان جي ڪا خاص وضاحت ڪونه ڪئي آهي ته آخر همزي سان ڪهڙو حشر ٿيڻ کپي؟

اصل ۾ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب ان جي ماهيت کي سمجهي نه سگهيو آهي، همزو، الف جو ٻيو روپ ضرور آهي، ليڪن جتي ’الف‘ جي صورت ڪم نه ٿي اچي سگهي، ان جڳهه جو پورائو ’همزو‘ ڪندو آهي؛ چاڪاڻ ته همزو اکرن جي جوڙ سبب وچ ۾ متحرڪ ٿي ڪم ايندو آهي. ائين ڪٺي چئجي ته اهي ٻئي اکر هڪٻئي جا نعم البدل هجڻ سبب، صورتخطيءَ ۾ مونجهارو پيدا نه پيا ڪن. جيئن سنڌيءَ ۾ ’و‘ ۽ ’ي‘ وينجن توڙي سُر ٻنهي لاءِ ڪم اچڻ سبب مونجهارا ٿين ٿا. ان خيال کان ڊاڪٽر جيٽلي وارو تنقيدي زاويو پيرائتو ناهي. صاحب موصوف ديوناگريءَ جيان الڳ سان سُرن پڙهائڻ يا انهن جي دائرن جي تنقيدي چنڊ ڇاڻ ڪري ها ۽ نتيجةً ڪا راءِ ڏئي ها ته ان صورت ۾ همزو يا الف مان ڪوبه هڪ اکر رکڻ جي راءِ وزن رکي پئي.

اردو ٻوليءَ جو ماهر ڊاڪٽر سهيل بخاري الف ۽ همزي جي فرق کي هيئن ٻه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته: اَب ۽ آب جي جڳهه تي همزو ٻه رکي سگهجي ٿو، جيئن: ءَب ۽ ءٖب. ان مَٿ سان آواز ۾ ڪوبه فرق نه ٿو پوي. ان جو سبب اهو آهي ته ابتدائي الف ۽ همزو هڪٻئي جا متبادل آهن.

ڊاڪٽر سهيل بخاري ان جي وضاحت ڪندي اڳتي لکي ٿو: "*اَب میں الف کو بے سے ملانے والا ایک چھوٹا سُر (زبر) ہے جب کہ آب میں الف کو بے سے ملانے والا اسی کا لمبا روپ ہے جسے مد کہتے ہیں اور جو کہیں کہیں الف کے اوپر ایک دوسرا چھوٹا سا الف کھڑا کر کے بھی ظاہر کیا جا سکتا ہے جیسے اٰب میں چنانچہ ان دونوں لفظوں میں الف اور بے تو اَسُر ہیں اور زبر اور مد یا چھوٹا سا کھڑا ہوا الف سُر ہے۔*" (19)

(اَب‘ ۾ الف کي ب سان ملائڻ وارو هڪ ڇوٽو سر (زبر) آهي، جڏهن ته ’آب‘ ۾ الف کي ’ب‘ سان ملائڻ وارو ان جو ڊگهو روپ آهي، جنهن کي ’مد‘ ٿو چئجي؛ ۽ جتي ٻه الف جي مٿان هڪ ٻيو ننڍو الف ڪڙو ڪري ظاهر ڪيو ويندو آهي،

جيئن: اَب'. انهن ٻنهي لفظن ۾ الف ۽ ب ته اَسر (Consonant) آهن، باقي زبر يا مد يا ڪِڙو الف سُر (Vowels) آهن.)

## 2.2 الف يا همزو آواز جي روشنيءَ ۾

انگريزيءَ ۾ متحرڪ'الف' يا 'همزي' جي خاصيت کي glottal stop جي نالي سان پڪاريو ويندو آهي. ان جي وصف هيٺين ريت ڏنل آهي:

Glottal stop: The vocal folds may also be held tightly closed (when holding one's breath, for example) When they are opened, the released lung air causes the production of a glottal stop, heard most clearly in the sharp onset to a cough, but also commonly used as a sound unit in many languages and dialects. (20)

انگريزيءَ ۾ Glottal stop جي وضاحت مان معلوم ٿيو ته ان کي، رڪاوٽ جي بنياد تي آواز (وينجن/ Consonant) جي ايڪي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. وڪيپيڊيا ۾ به اهڙي ئي ڳالهه ڪيل آهي:

The **glottal stop** is a type of consonantal sound used in many spoken languages, produced by obstructing airflow in the vocal tract or, more precisely, the glottis. The symbol in the International Phonetic Alphabet that represents this sound is ⟨ʔ⟩. (21)

ڊاڪٽر غلام علي الانا 'ء' ۽ 'الف' بابت پنهنجي ڪتاب 'سنڌي صورتخطي' ۾ ڄاڻائي ٿو ته: "سنڌي الف- بي جي پٽيءَ ۾ 'ء' کي وينجن طور شامل ڪيو ويو آهي، پر اڄ تائين همزي جي درست استعمال کي سمجهيو نه ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هرهڪ ڄاڻوءَ کي خبر به آهي ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ **همزو (ء) ٻن سرن جي ميلاپ يا جوڙ (Sequence) لاءِ ڪم آڻبو آهي. ٻن سرن جي جوڙ ۾، همزو هميشه پوئين سر جي بدران ڪم ايندو آهي.**" (22)

ڊاڪٽر الانا 'همزي' جي آواز بابت 'سنڌي صوتيات' ۾ ساڳي ڳالهه وري هن ريت ڄاڻائي ٿو ته: "هر پڙهيل سنڌي ماڻهوءَ کي اها خبر آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي الف- ب جي پٽيءَ ۾ 'ء' کي وينجن طور شامل ڪيو ويو آهي، پر ٻوليءَ جي ماهرن کي اها خبر آهي ته 'ء' وينجن نه آهي. حقيقت ۾ سنڌي صوتيات جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته 'ء' **جو ڪارج وينجن وارو نه، پر سُر وارو آهي،** جنهن جي صحيح خبر تڏهن پوي ٿي جڏهن سنڌي صورتخطيءَ جو مطالعو ڪجي ٿو. سنڌي وياڪرڻ جي شاگردن ۽ ماهرن کي اها خبر آهي ته 'ء' **ڪن لفظن ۾ ٻن يا ٽن سُرن جي 'ميلاپ يا جوڙ' (Sequence) جي حالت ۾ پوئين سُر يا پوين سُرن (Second and third component) جي لڪت ۾ نمائندگي ڪندو آهي.**" (23)

ڊاڪٽر الانا جي ٻنهي حوالن ۾ ڳالهه ساڳي آهي ليڪن انداز بيان ۾ لچڪ آهي؛ البت، صورتخطيءَ جا مثال ساڳيا رکيا اٿس، جيڪي شروع ۾ ڏنا ويا

آهن. اتي معاملو اهو ٿو سامهون اچي ته ڊاڪٽر الانا ’همزي‘ کي ’سُر‘ سمجهي ٿو. ان هنڌ سوال اهو ٿو اڀري ته:

## ؟ ڇا ’همزو‘ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪٿي سُر طور ڪم آيو آهي؟

ڊاڪٽر الانا جي وضاحت ۾ مونجهارو اهو پيو ٿئي ته:

هڪ: **’همزو ٻن سرن جي ميلاپ يا جوڙ لاءِ ڪم آڻبو آهي‘** منهنجي خيال ۾ ٻن سرن جي وچ ۾ ميلاپ يا جوڙ جو ڪم ته وينجن (Consonant) ڪندو آهي؛ ڇاڪاڻ ته ’پد‘ (Syllable) جي حد ئي هڪ سُر تائين ٻَڌبي آهي، ٻيو سُر آيو ته ’پد‘(Syllable) ئي الڳ ٻَڌبو. ياد رهي ته سُر (Vowel) اڪيلي سر نه بيهندو، جو ٻه سُر گڏ ٿي بيهن، بلڪ سُر ته وينجن (Consonant) تي بيهندو آهي. تن سُرن جي ميلاپ واري ڳالهه ته اجا پري رهي.

ٻيو: **’همزو هميشه پوئين سر جي بدران ڪم ايندو آهي‘** مان مراد آهي سُرَ جو ڪم ڪندو آهي. هاڻي جيڪڏهن آخري ڇوٽي سُر جي مثال مان ’لاءِ‘ لفظ کي ڪٽجي ته ان ۾ همزو گلي ۾ رڪاوٽ ڪندي وينجن جو ڪم ڪري ٿو ۽ اتي زير آخري ڇوٽي سُر (Vowel) جو ڪم ڪري ٿي.

ان معاملي کي ائين سمجهي سگهجي ٿو ته اگر همزي کي ڇوٽي سُر سان، پد جي صورت ۾، ڇيد ڪري ڏيکارڻو هوندو ته (ء + اِ) ڇوٽي سر زير جي الڳ شڪل ’اِ‘، الف سان ڏيڻ اسان وٽ مروج آهي؛ ڇو ته زير جي شڪل ( ِ ) خالي ڪونه رکي ويندي آهي. ان کان علاوه همزو (Glottal Stop) گلي ۾ رڪاوٽي وينجن آواز پڻ ناهي ٿو، جنهن سبب چئي سگهجي ٿو ته همزو الڳ وينجن آهي ۽ ڇوٽو سر ’زير‘ ان جو سرُ ٿيندو؛ ٻنهي کي ملائي پد (Syllable) چئبو. سنڌي صورتخطيءَ ۾ همزي وارو ساڳيو ڪم اسان ڪنهن لفظ ۾ اڳيان ايندڙ ’الف‘ کان وٺندا آهيون، جيئن: ’اَڪِ‘. اهڙي ڇنڊڇاڻ صورتخطيءَ واري حصي ۾ ڏئي سگهبي.

ڊاڪٽر الانا جي وضاحت ۾ ان سبب مونجهارو سامهون اچي ٿو، جو اسان جي پرائيمر يا ٻوليءَ جي ڪتابن ۾ جيڪي (ڪَڪِ جي نالي سان) سُر/ Vowels ڏنل آهن، تن کي ان انداز ۾ ڏيکاريو ويندو آهي؛ جيئن:

اَ، آ، اِ، اُ، اي، اِي، اَي، او، اُو، اَو

ان جا نڪوان/ گهُڻا سُر ٻه ٿيندا آهن جيڪي پرائيمر ۾ ڇاڻائڻ ڪپن، جيئن:

اَنْ، آنْ، اِنْ، اُنْ، اينْ، اَينْ، اونْ، اُونْ، اَونْ

(راقم پاران نڪوين/ گهُڻن سُرن ۾ ’نْ‘ اکر جي تجويز رکي آهي. ڏسو ٽماهي مهراڻ: 2 ۽ 3، 2015) (24)

اهي صرف سُر آهن، جيڪي فرضي طور ڏيکاريا ويندا آهن جن ۾ ’الف‘ فرضي آهي. جيڪڏهن انهن کي ’الف‘ سان پڙهيو يا سمجهيو ويندو ته پوءِ اهي سُر نه رهندا بلڪ پد (Syllable) جي صورت ۾ رهندا. هيٺ جاٽايل سُرن کي ڪم آڻيندي ٻن پدن وارا لفظ ٽوڙ (Segmenting) ۽ جوڙ(Blending) تحت چيد ڪري، خيال خاطر رکجن ٿا:

- اَڪِ (ا + اَ = اَ، ڪ + اِ =
- ⇦ هتي ’اَ ۽ ڪِ‘ ٻه پد (Syllables)، جن ۾ ٻه وينجن (Consonants) ۽ ٻه سُر (Vowels) آهن.
- آنو (ا + آ = آ، ن + او = نو)
- ⇦ هتي ’آ ۽ نو‘ ٻه پد (Syllables)، جن ۾ ٻه وينجن (Consonants) ۽ ٻه سُر (Vowels) آهن.
- اِنڊو (ا + اِن = اِن، ڊ + او = ڊو)
- ⇦ هتي ’اِنْ ۽ ڊو‘ ٻه پد (Syllables)، جن ۾ ٻه وينجن (Consonants) ۽ ٻه سُر (Vowels) آهن.
- اُٺُ (ا + اُ = اُ، ٺ + اُ = ٺُ)
- ⇦ هتي ’اُ ۽ ٺُ‘ ٻه پد (Syllables)، جن ۾ ٻه وينجن (Consonants) ۽ ٻه سُر (Vowels) آهن.
- ايٺَ (ا + اي = اي، ٺ + اَ = ٺَ)
- ⇦ هتي ’اي ۽ ٺَ‘ ٻه پد (Syllables)، جن ۾ ٻه وينجن (Consonants) ۽ ٻه سُر (Vowels) آهن.

مٿي چند مثال خيال خاطر ڏنا ويا ته جيئن اهو واضح ٿي سگهي ته ’وينجن‘، ’سُر‘ يا ’پد‘ ڪيئن ٿين ٿا. مٿين مثالن مان ’اَڪِ‘ جو ئي مثال وٺجي ته ’اَ‘ ۽ ’ڪِ‘ ٻه پد آهن. هاڻي جيڪڏهن ’اَ‘ پد (Syllable) کي جاٽايل (ڪَڪ پٽيءَ وارو) سُر ’اَ‘ سمجهبو ته اهو نامناسب ٿيندو. ڇاڪاڻ ته جاٽايل ڏهه سُرن ۾ ’الف‘ هڪ فرضي اکر آهي، ان نسبت ’اَ‘ کي صرف زبر وارو ئي آواز سمجهبو. اهڙي صورت ۾ لفظ ’اَڪِ‘ واري ’اَ‘ کي صرف زبر (Diacritical Mark) نه پر پد (Syllable) سمجهبو. ان خيال کان جيڪڏهن ڊاڪٽر الانا جا جاٽايل لفظ ٻيهر ٽوڙ (Segmenting) ۽ جوڙ (Blending)تحت چيد ڪري جاچبا ته هن ريت بيهندا:

- لاءِ (ل + آ = لا، ء + اِ = ءِ)
- ⇦ هن لفظ ۾ ٻه پد (لا ۽ ءِ)، ٻه وينجن (ل ۽ ء) ۽ ٻه سُر (آ ۽ اِ) آهن.
- ماءُ (م + آ = ما، ء + اُ = ءُ)
- ⇦ هن لفظ ۾ ٻه پد (ما ۽ ءُ)، ٻه وينجن (م ۽ ء) ۽ ٻه سُر (آ ۽ اُ) آهن.

- هُوءَ (هـ + اُو = هُو، ء + اَ = ءَ)

☜ هن لفظ ۾ ٻه پد (هُو ۽ ءَ)، ٻه وينجن (هـ ۽ ء) ۽ ٻه سُر (اُو ۽ اَ) آهن.

- مُئَلُ (مـ + اُ = مُ، ئ + اَ = ـئَ، ـل + اُ = ـلُ)

☜ هن لفظ ۾ ٽي پد (مُ، ئَ ۽ لُ)، ٽي وينجن (م، ء ۽ ل) ۽ ٽي سُر (اُ، اَ ۽ اُ) آهن.

- ڳائِڻُ (ڳ + آ = ڳا، ئ + اِ = ئِ، ـڻ + اُ = ـڻُ)

☜ هن لفظ ۾ ٽي پد (ڳا، ئِ ۽ ڻُ)، ٽي وينجن (ڳ، ء ۽ ڻ) ۽ ٻه سُر (آ، اِ ۽ اُ) آهن.

- پائُرَ (پـ + آ = پا، ئ + اُ = ئُ، ـر + اَ = ـرَ)

☜ هن لفظ ۾ ٽي پد (پا، ئُ ۽ رَ)، ٽي وينجن (پ، ء ۽ ر) ۽ ٽي سُر (آ، اُ ۽ اَ) آهن.

- ڪائِي (ڪ + آ = ڪا، ئ + اِي = ئِي)

☜ هن لفظ ۾ ٻه پد (ڪا ۽ ئِي)، ٻه وينجن (ڪ ۽ ء) ۽ ٻه سُر (آ ۽ اِي) آهن.

- هائو (هـ + آ = ها، ئ + او = ئو)

☜ هن لفظ ۾ ٻه پد (ها ۽ ئو)، ٻه وينجن (هـ ۽ ء) ۽ ٻه سُر (آ ۽ او) آهن.

- ڪائي (ڪ + آ = ڪا، ئ + اي = ئي)

☜ هن لفظ ۾ ٻه پد (ڪا ۽ ئي)، ٻه وينجن (ڪ ۽ ء) ۽ ٻه سُر (آ ۽ اي) آهن.

- کُوئا (کـ + اُو = کُو، ئ + آ = ئا)

☜ هن لفظ ۾ ٻه پد (کُو ۽ ئا)، ٻه وينجن (کـ ۽ ء) ۽ ٻه سُر (اُو ۽ آ) آهن.

- ڏوئِيلو (ڏ + او = ڏو، ئ + اِي = ئِي، لـ + او = لو)

☜ هن لفظ ۾ ٽي پد (ڏو، ئِيـ ۽ لو)، ٽي وينجن (ڏ، ء ۽ ل) ۽ ٻه سُر (او، اِي ۽ او) آهن.

- ڏَئِيتُ (ڏ + اَ = ڏَ، ئ + اِي = ئِي، ت + اُ = تُ)

☜ هن لفظ ۾ ٽي پد (ڏَ، ئِيـ ۽ تُ)، ٽي وينجن (ڏ، ء ۽ ت) ۽ ٻه سُر (اَ، اِي ۽ اُ) آهن.

- پَيسو/ پئسو (پـ + اَي = پَيـ، سـ + او = سو)

☜ هن لفظ ۾ ٻه پد (پَيـ ۽ سو)، ٻه وينجن (پ ۽ س) ۽ ٻه سُر (اَي ۽ او) آهن.

- چَو/ چؤ (چـ + اَو = چَو)

☜ هن لفظ ۾ هڪ پد (چَو)، هڪ وينجن (چ) ۽ هڪ دهرو سُر (اَو) آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڄاڻايل لفظن ڪي سائنسي انداز ۾ پد (Syllables)، وينجن (Consonants) ۽ سُر (Vowels) موجب ڇيد ڪيو ويو آهي؛ جنهن مان پتو پوي ٿو ته 'همزو' وينجن آهي ۽ ان تي آيل اعرابَ ڪي سُر سمجهيو ويندو. مٿئين ڇيد بعد ڇئي سگهجي ٿو ته همزي بابت ڊاڪٽر الانا جي راءِ مناسب نه آهي.

ڊاڪٽر الانا ڄاڻايل لفظن ۾ آواز جي بنياد تي پرائيمر يا لسانيات جي ڪتابن ۾ ڏنل 'سُرن' موجب، 'همزي' جو تقابل/ تبادل ڪري ٿو. جڏهن ته 'اَ، آ، اِ،

اُ، اِي، اَي، او، اُو يا اَو‘ ۾ ڄاڻايل ’الف‘ فرضي ڏنل آهن، مرڪوز اعراب يا حرف علت جا اکر ٿيل آهن. ياد رهي تہ انهن (ڪکِ جي نالي سان ڏنل) سُرن کي الف سان (الف زبر اَ يا الف مد آ) اچاربو تہ اصولي طور ’پد‘ (Syllable) ٿي ويندا، ان سبب صرف ’اَ‘ يا ’آ‘ اچاريو ويندو آهي؛ جنهن مان مراد آهي تہ ’الف‘ کي تبديل ڪري ڪوبہ ’وينجن‘ (ب يا پ) رکي ان انداز سان اچاريو ويندو ۽ اهو پد (Syllable) ئي سڏبو. ان اهڙي پد جو جڏهن ڇيد ڪبو تہ ’وينجن ۽ سُر‘ کي الڳ ڏيکارڻو پوندو.

ڊاڪٽر الانا جي ڄاڻايل ڇيد مان اهو بہ اخذ ٿئي ٿو تہ متحرڪ ’الف‘ ۽ ’همزو‘ آواز جي بنياد تي ساڳي ڳالهہ آهن، صرف لفظ ۾ هنڌ (Position) جو فرق رهي ٿو. تڏهن تہ ڊاڪٽر الانا ’همزي‘ کي ’الف‘ سان تبديل ڪري ڏيکاريو آهي.

اها ڳالهہ واضح ٿي بيني تہ ’الف ۽ همزو‘ هڪٻئي جا ئَن پريندڙ آهن؛ جتي ’متحرڪ الف‘ (Glottal Stop) جي صورت ممڪن ناهي اتي همزو (ء) جڳهہ والاريندو آهي. ان مان اهو ئي خيال جڙي ٿو تہ الف ۽ همزو ساڳئي نوعيت جا اسم آهن جن جا اکر/ روپ الڳ آهن ۽ ڪارج بہ ورهايل آهي.

## 2.3. الف ۽ همزو صورتخطيءَ جي روشنيءَ ۾

### 2.3.1. ’الف ۽ همزي‘ جو وينجن طور ڪارج

سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’الف ۽ همزي‘ جون بہ حالتون نوٽ ڪيون ويون آهن، هڪ: اکري صورتون (Form)، ٻيو: حالت/ هنڌ (Position). ان معاملي تي بہ ڪافي مونجهارا سامهون آيا آهن، هتي صرف حالت/ هنڌ (Position) بابت ذڪر ڪيو ويندو. يعني وينجن طور الف ۽ همزي جي مٿجڻ جو اڀياس ڪنهن لفظ جي اڳيان، وچوواڙي ۽ آخري حالتن ۾ هيٺين ريت نوٽ ڪيو ويو آهي:

- پهرين حالت (اڳ) ۾ متحرڪ همزي لاءِ الف جي شڪل ڪم آندي ويندي آهي،
  جيئن: اَک، اَنب، اِندلٺ، اَڪبر، اَخبار وغيره.
- ٻِين حالت (وچوواڙي) ۾ متحرڪ همزي جي ئي شڪل ڪم آندي ويندي آهي،
  جيئن: <u>مائٽ، سائيڪل، سوئر</u>؛ <u>بئٽ، مَئڙُ، جيئڻ، مُئل</u> وغيره.
- ٽين حالت (آخري) ۾ متحرڪ همزي جي ئي شڪل ڪم آندي ويندي آهي،
  جيئن: سُوءَ، هوءَ، اڇلاءِ، گوءِ، ماءُ، پيءُ، ڏِءُ، ڪاءُ وغيره.

*نوٽ: عربي صورتخطيءَ جي اثر ڪان، سنڌي صورتخطيءَ ۾ لفظ: ’<u>قرآن</u>‘ ۾ وچوواڙي متحرڪ ’الف‘ نوٽ ڪيو ويو آهي، جيڪو سنڌي صورتخطيءَ جي لفظن ۾ ڪونہ ٿو ملي. اهڙي قسم جي لفظ جي امڪاني سنڌي صورتخطي ’قرئان‘ بيهندي، جيڪا مستعمَل ناهي.*

### 2.3.2. 'الف ۽ همزي' جو سُر طور ڪارج

سنڌي صورتخطيءَ ۾ اها ڳالهه مُسلّم آهي تہ 'همزو' سُر جي حالت ۾ ڪٿي بہ ڪم نہ ٿو آندو وڃي: البت 'الف' جو استعمال ڊگهي سُر طور ٿيندو رهيو آهي. ان سبب 'الف' کي حرف علت ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. سنڌي صورتخطيءَ موجب ڪنهن لفظ جي اڳيان 'متحرڪ الف' کان سواءِ باقي الف 'ڊگهي سُر' طور ڪم آندو ويندو آهي: جيئن:

- لفظ جي وچ ۾: باڪَ، جارو، سيارو، ڪنارو، ماءُ وغيره.
- لفظ جي آخر ۾: ڪوڪا، ڪارا، آنا، نرالا وغيره.

ڄاڻايل مثالن مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ 'همزو' ڪٿي بہ سُر جي حالت ۾ ڪم نہ آيو آهي. ان حالت ۾ ڊاڪٽر الانا واري راءِ جي ڪا حيثيت نہ ٿي جڙي.

### 2.4. حاصل مطلب/ نتيجو

- ✍ ابجد ۾ 'ء' جو اضافو نبطي قوم وارن جو يادگار آهي، جيڪو متحرڪ الف کي اکرن جي وچ ۾ ملائڻ جي نسبت رکيو ويو هوندو.
- ✍ عربي رسم الخط/ صورتخطيءَ موجب: اهڙو الف جيڪو متحرڪ (Consonant) آهي، ان کي همزو ڪوٺيو ويندو آهي، جڏهن تہ ڊگهي سُر (Long Vowel) ۾ ڪم ايندڙ کي 'الف' ئي چئجي ٿو.
- ✍ 'ا، و ۽ ي' اهڙا وينجن (Consonants) آهن جيڪي حرف علت (Vowel letters) ٻٽاندڙ ڊگهن سُرن ۾ بہ ڪم آندا ويندا آهن. الف ۽ همزو هڪٻئي جا نعم البدل آهن، جنهن سبب 'الف' ۾ مونجهارو نہ ٿو رهي: البت، 'و ۽ ي' تي اعراب نہ ڏيڻ سبب مونجهارا رهن ٿا.
- ✍ سنڌي صورتخطيءَ ۾ همزو وينجن طور، 'متحرڪ الف' (Glottal Stop) واري آواز جو متبادل آهي. 'متحرڪ الف' بہ ڪنهن لفظ جي اڳيان اچڻ کان سواءِ باقي 'همزي' جي صورت ۾ ڪم اچي ٿو. جيئن: اَڪِ، مَئِڻُ ۽ ماءُ وغيره.
- ✍ سنڌي توڙي عربيءَ مان جڙيل رسم الخطن موجب ڪنهن ۾ بہ 'همزو' سُر طور ڪم نہ آيو آهي: البت، الف وينجن توڙي سُر بڻهي لاءِ ڪم اچي ٿو.
- ✍ آواز جي نسبت 'ءَ' ۽ 'اَ' بلڪل ساڳيا پد (Syllable) آوازَ آهن، ليڪن انهن جو استعمال مستعمَل صورتخطيءَ موجب ڪيو ويندو آهي: جيئن: هُوءَ، اَڪِ وغيره. جڏهن تہ پرائيمر ۾ ڄاڻايل 'اَ، آ، اِ، اُ، اي، او' وغيره سُرن ۾ 'الف' فرضي آهي، جنهن ڪري ان کي پد نہ سمجهبو ۽ نہ وري ان مان ڪنهن بہ سُر آواز کي پد (Syllable) سان ڀيٽ ڏئي تبادل ڪري سگهبو، جيئن ڊاڪٽر الانا تبادل ڪندي همزي کي سُر (Vowel) ڪوٺيو آهي.

## حوالا/ ذريعا:


1. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي. ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي. ٽماهي مهراڻ، ايڊيٽر: غلام محمد گرامي. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ. جلد: 61، نمبر: 4. سال: 1972، ص: 162
2. ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر سنڌي ٻوليءَ جو گرامر. مترجم: امجد سراج ميمڻ. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي. 2011ع، ص: 331- 332.
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي صورتخطي. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي. 1993ع، ص: 116.
4. حوالو ساڳيو، ص: 116- 118
5. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي صوتيات. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي. 2009ع، ص: 145.
6. سید، محمد سلیم، پروفیسر. اردو رسم الخطّ. کراچی: مقتدرہ قومی زبان. 1981ع، ص:26
7. https://en.wikipedia.org/wiki/Hamza
8. Wehr, Hans (1994). " همزه *hamaza*". In Cowan, J. M. *The Hans Wehr Dictionary of Modern Arabic* (4th ed.). Otto Harrassowitz
9. آڏواڻي، ڀيرومل، مهرچند. وڏو سنڌي وياڪرڻ. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. 1985ع، ص: 5
10. حوالو ساڳيو، ص: 21.
11. مرزا، قليچ بيگ. سنڌي وياڪرڻ (ڳنڍيل ڀاڱا). ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. 2006ع، ص: 167
12. حوالو ساڳيو، ص: 70.
13. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي صورتخطي. 1993ع، ص: 145- 146.
14. پرويز، غلام احمد. لغات القرآن. لاهور: طلوع اسلام ٽرسٽ. 1998ع، ص: 4.
15. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي. ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي. حوالو ۽ صفحو مٿيون ساڳيو
16. ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر . سنڌي ٻوليءَ جو گرامر. حوالو ۽ صفحو مٿيون ساڳيو.
17. لغاري، عبدالڪريم، پروفيسر. سنڌي الف- بي جي ارتقا. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. 1976ع، ص: 83.
18. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر. ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ. دهلي: اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه. 1999ع، ص: 56.
19. بخاری، سہیل، ڈاکٹر .اردو رسم الخط کے بنیادی مباحث. اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان. 1988ع، ص:32.
20. David crystal (1996) The Encyclopedia of language. Cambridge University. Islamabad: National book foundation. P: 128.
21. https://en.wikipedia.org/wiki/Glottal_stop
22. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي صورتخطي. 1993ع، ص: 116.
23. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي صوتيات. 2009ع. ص: 145.
24. جوکيو، الطاف حسين. سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ نون گهُٽي جو مونجهارو. ايڊيٽر: ثمينه ميمڻ، ٽماهي مهراڻ، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. جلد: 65، نمبر: 2 ۽ 3، 2015ع، ص: 22- 31.